روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | جمع 16 ڊسمبر 2022ع بمطابق 21 جمادي الاول 1444هه | شمارو 63 | قيمت10 رپيا

# عمران خان بيوقوف ۽ ذهني طور تي مفلوج آهي: شرجيل انعام ميمڻ

اليڪشن ڪميشن محترمه فريال ٽالپر بابت صحيح فيصلو ڏنو آهي، اهو ڪيس اسان جي حڪومت ۾ نه پر گذريل چار سالن کان هلندو پيو اچي

عمران خان محترمه فريال ٽالپر کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو، عيد جي رات ڪوڙي ڪيس ۾ ڪيس اسپتال مان جيل موڪليو ويو

عمران خان نيب، ايف آءِ اي کي سياسي مخالفن جي خلاف استعمال ڪيو، اسان جي تهذيب ۾ عورتن جو خاص احترام ڪيو ويندو آهي

عمران خان اسان جي روايتن کي نقصان پهچايو ۽ عورتن کي پڻ ناهي بخشيو، محترمه فريال ٽالپر کي عيد جي رات اسپتال مان گرفتار ڪيو ويو

عمران خان چئن سالن تائين مخالفن ۽ سندن گهرڀاتين تي ڪوڙا ڪيس ٺاهيا، ايمنسٽي اسڪيم کي عمران خان چور، ڌاڙيلن جي اسڪيم قرار ڏنو هو

سنڌ حڪومت جو پورو فوڪس ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي آهي، هن وقت جڏهن اسان پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهيون: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ ۽ سعيد غني سنڌ اسيمبلي جي ڪاميٽي روم ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته عمران خان بيوقوف ۽ ذهني طور تي مفلوج آهي. ان کي جيڪو به اچي ڪجهه ٻڌائيندو آهي ته بغير سوچڻ سمجهڻ جي شروع ٿي ويندو آهي. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن محترمه فريال ٽالپر بابت صحيح فيصلو ڏنو آهي. اهو ڪيس اسان جي حڪومت ۾ نه پر گذريل چار سالن کان هلندو پيو اچي، پي ٽي آءِ جي بن اير بي ايز محترمه فريال ٽالپر خلاف ڪوڙي الزام جي بنياد تي اثاثا لڪائڻ جي درخواست ڪئي ۽ جڏهن ته اهي ٻڌڻي تي به غيرحاضر رهيا. جنهن تي اليڪشن ڪميشن پاڪستان انهن جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

# عمران جي خواهش تي اسيمبليون نٿيون ٽوڙي سگهجن: سيد مراد علي شاهه

اسيمبليون پنهنجو مدو پورو ڪنديون ملڪ ۾ سياسي ڀونچال سبب نقصان ٿيندو، وڏي وزير کي اسيمبلي ٽوڙڻ جو حق آهي پر ان لاءِ زميني حقيقتون ملڪ جي مفاد ۾ هجن

پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي وزير اعلي تي اعتماد آهي عمران خان جي ذاتي سوچ تي اهي اسيمبليون نه ٽوڙيندا، پ پ هميشه جمهوريت ۽ اسيمبلين جو مدو پورو ڪرڻ جي حمايتي رهي آهي

برسات متاثرن جي سروي تقريبن مڪمل ٿي چڪي آهي، نوڪريون مقامي ماڻهن کي ڏيڻ جو سنڌ حڪومت جو موقف وزيراعظم مڃيو آهي اهو سنڌي ماڻهن جو حق آهي

ضلع قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڪل 1385197 ايڪڙ ايراضي ٻوڏ جي پاڻيءَ هيٺ هئا هاڻي صرف 30509 ايڪڙن تي پاڻي بچيو آهي باقي سڀ ڪليئر ڪيا ويا آهن

94 فيصد آراضي تان پاڻي ڪڍيو ويو آهي باقي 6 فيصد تي پاڻي موجود آهي انهن کي به جلد ڪان جلد ڪڍيو ويو وڃي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه

عمران خان جي فرمائش تي اسيمبلي نه ٽٽندي، ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اسيمبليون نه ٿيون ٽوڙي سگهجن، اسيمبلي ٽوڙڻ لاءِ وڏي وزير کي اختيار ضرور آهي پر ان جي پويان سوچ هجي

راڻيپور/شهدادڪوٽ (نمائندن وٽان) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه راڻيپور پهچي اير اين اي پير سيد فضل علي شاهه جيلاني ۽ صوبائي وزير اوقاف سيد احمد رضا شاهه جيلاني جي والده جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ مغفرت لاءِ دعا گهري ان موقعي تي وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير سيد ناصر علي شاهه، جام خان شورو، سيد بچل شاهه سميت صوبائي وزير، صلاحڪار ۽ آفيسر موجود هئا. ان موقعي تي سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

راڻيپور/شهدادڪوٽ: سنڌ جو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي

# آرمي چيف عاصم منير سان آمريڪي جنرل جي ملاقات

پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي آءِ ايس پي آر موجب جنرل عاصم منير ڪمانڊر يو ايس سينٽر ڪام جنرل ايرڪ ڪوريلا جو جي ايڇ ڪيو پهچڻ تي استقبال ڪيو

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ علائقائي سلامتي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، آمريڪي جنرل دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي ڪاميابين جو اعتراف ڪيو: آءِ ايس پي آر

پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي موجب، پاڪستان ۽ آمريڪي هٿياربند فوجن وچ ۾ وفدن جي سطح تي به ڳالهيون ٿيون، مهمان علائقائي امن لاءِ پاڪستان جي سهڪار جو به اعتراف ڪيو

راولپنڊي (م د) آمريڪي ڪمانڊر سينٽ ڪام جنرل ايرڪ ڪوريلا پاڪ فوج جي سربراهه جنرل عاصم منير سان ملاقات ڪئي، پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي آءِ ايس پي آر موجب جنرل عاصم منير ڪمانڊر يو ايس سينٽر ڪام جنرل ايرڪ ڪوريلا جو جي ايڇ ڪيو پهچڻ تي استقبال ڪيو آءِ ايس پي آر موجب ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ علائقائي سلامتي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

# پاڪستاني ٿي ڪري ملڪ بابت سوچڻ گهرجي، الله ۾ اميد آهي ته بهتر رستو نڪري ايندو: صدر

صدر لاهور ۾ پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي، اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي ۽ ايم اين اي حسين الاهي سان ملاقات ڪئي

اسان کي پاڪستاني ٿي ڪري رڳو پاڪستان جو ئي سوچڻ گهرجي، سياست ۾ ڪا شيءِ آخري آخر ناهي هوندي: ڊاڪٽر عارف علوي

ملڪ جي ڏگهن مفادن کي ڌيان ۾ رکندي فيصلا ڪرڻ جي ضرورت آهي، معاملن تي کي خيرخوبيءَ سان حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار اي سي سي اجلاس جي صدارت ڪندي

لاهور (م د) صدر عارف علوي چيو آهي ته سياست ۾ ڪا شيءِ آخري ناهي هوندي، ملڪي مفاد ۾ فيصلو ڪرڻو آهي. صدر لاهور ۾ پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي، اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي ۽ ايم اين اي حسين الاهي سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي وارن معاملن، سياسي ۽ معاشي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي صدر کي پنجاب ۾ جاري ترقياتي رٿائن بابت آگاهه ڪيو. پنهي وچ ۾ ملڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

# انرجي الرٽ: ملڪ تيل جي ڪل ذخيرن جو 79.8 سيڪڙو ۽ گئس جي ذخيرن جو 66.6 سيڪڙو استعمال ڪري چڪو

1234 ملين بيرل تيل جي ذخيرن مان پاڪستان 985 ملين بيرل استعمال ڪري چڪو آهي جيڪو مجموعي طور تي 79.8 سيڪڙو آهي

بلوچستان وٽ 1.84 ملين بيرل تيل جا قابل وصول ذخيرا آهن، جن مان 0.24 ملين بيرل استعمال ٿي چڪا آهن 1.60 ملين بيرل باقي بچيا آهن: پيٽروليم ڊويزن

خيبرپختونخواهه وٽ 264.83 ملين بيرل تيل جا قابل وصول ذخيرا هئا ۽ انهن مان 170.59 ملين بيرل استعمال ٿي چڪا آهن

سنڌ وٽ 509.58 ملين بيرل جي وصولي لائق ذخيرن جو اندازو لڳايو ويو هو ۽ ان مان 430.60 ملين بيرل استعمال ڪري چڪو

مالي سال 2020_21 ۾ پاڪستان جي تيل جي پيداوار 30 ملين بيرل جي هدف جي مقابلي ۾ 27 ملين بيرل رهي، جيڪا هدف جي 90 سيڪڙو حاصلات کي ظاهر ڪري ٿي

تيل جي پيٽ ۾ پاڪستان گهريلو ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ گئس پيدا ڪندڙ وڏو ملڪ رهيو آهي

پاڪستان سياسي بنيادن تي گئس جي فراهمي جي اسڪيم شروع ڪرڻ سبب سال 2015ع کان مائع قدرتي گئس (ايل اين جي) جو درآمد ڪندڙ ملڪ بڻجي ويو آهي

اسلام آباد: (رپورٽ ظفر ڀٽو) ايندڙ سالن ۾ پاڪستان جي توانائيءَ جو منظرنامو انتهائي خراب نظر اچي رهيو آهي ڇاڪاڻ ته ملڪ تيل جي ڪل ذخيرن جو 79.8 سيڪڙو ۽ گئس جي ذخيرن جو 66.6 سيڪڙو استعمال ڪري چڪو آهي. پيٽروليم ڊويزن پاران آڊيٽر جنرل آف پاڪستان (اي جي پي) کي جمع ڪرايل رپورٽ موجب 1234 ملين بيرل تيل جي ذخيرن مان پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

# اوپن مارڪيٽ مان ڊالر گم، 250 رپين ۾ به نٿو ملي

ليٽر آف ڪريڊٽ کولڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي: مني ايڪسچينجرز

ڊالر جي سرڪاري ريٽ ۽ اصل مارڪيٽ اگهه ۾ فرق آهي: واپاري

ڪراچي (م د) پاڪستان ۾ ڊالر جي کوٽ ورڌندي پئي وڃي، واپارين جو چوڻ آهي ته کين ليٽر آف ڪريڊٽ کولڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي. مني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

# معاشي صورتحال کي بهتري ڪرڻ لاءِ حڪومت جو وڏو فيصلو

اهو فيصلو مهانگائي ۽ حڪومت طرفان بروقت ادائيگي نه ٿيڻ سبب ڪيو ويو آهي

هر 15 ڏينهن بعد اگهه جو جائزو وٺي وڌيڪ ڪنڊ ايڪسپورٽ ڪئي ويندي

اسلام آباد (م د) حڪومت ملڪ جي پرڏيهي متاستا ۽ معاشي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ وڏو فيصلو ڪري ورتو آهي. حڪومت کنڊ ايڪسپورٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهو فيصلو مهانگائي ۽ حڪومت طرفان بروقت ادائيگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

# دعوائن بدران ڀارت ڪشمير مسئلي تي گڏيل قومن جي ٺهرائن تي عمل ڪري ڏيکاري: بلاول

ڀارت ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ لاءِ زباني دعوائون ڪرڻ بدران عملي قدم کڻي، ڀارت ڪشمير بابت عالمي اداري جي ٺهرائن تي عمل ڪري ڏيکاري

مون عالمي اداري ۾ ڪشميري عوام جي حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي، ڀارت کي چئلينج ڏنو ته وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪرڻ بدران سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن تي عمل ڪري ڏيکاري

نيويارڪ (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڀارت ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ لاءِ زباني دعوائون ڪرڻ بدران عملي قدم کڻي. پ پ چيئرمين سلامتي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ڀارت کي چئلينج ڪيو ته ڀارت ڪشمير بابت عالمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

# عمران خان مٿان حملي جو ڪيس سياسي مداخلت سبب داخل نه ٿيو هو: چيف جسٽس

عدالت پوليس آفيسرن جي قانون ۾ داخل وقت کان اڳ بدلين کي روڪيندي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي حڪومت کي پوليس آرڊر 2002 تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

وقت کان اڳ بدلي ممڪن نه هجي ته ان جا سبب لکيا وڃن، ڪنهن به آفيسر کي سينئر پوليس آفيسر جي مشاورت کان سواءِ نه هٽايو وڃي، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ به چونه گڊ گورننس جي اهي نارمولي تي عمل ڪيو وڃي: عدالت

ڇا پنجاب حڪومت پاڻ قانون تي عمل ڪندي يا عدالت حڪم ڏئي؟ صوبائي حڪومت کان هدايتون وٺي آگاهه ڪريو، ڏوهه ۽ عدم تحفظ سبب عوام متاثر ٿي رهي آهي

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس عمر عطا بنديال پوليس ۾ بدلين بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران ريمارڪس ڏنا آهن ته عمران خان مٿان حملي جو ڪيس سياسي مداخلت سبب داخل نه ٿيو هو. پوليس آفيسرن جي سياسي بنيادن تي بدلين خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

## موٽروي اسڪينڊل: ٺيڪيدار رحمت الله سولنگي جا وارنٽ جاري

ڪراچي (م د) نوشهروفيروز جي ايم سڪس موٽروي ڪرپشن اسڪينڊل ۾ ٺيڪيدار رحمت الله سولنگي جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن ڪراچي جي اسپيشل بينڪ ڪورٽ ايف آءِ اي جي درخواست تي وارنٽ جاري ڪيا عدالت حڪم ڏنو ته جوابدار کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان دانيال عزيز ملاقات ڪندي

# چائلڊ پورنوگرافي مواد شيئر ڪرڻ تي جوابدار کي 10 مهينا قيد

ڪيس جي جاچ مڪمل ڪرڻ بعد چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو ويو، جوابدار ماجد علي 2022ع ۾ چائلڊ پورنوگرافي وارو مواد سوشل ميڊيا تي شيئر ڪيو هو

جنهن تي ايف آءِ اي سائبر ڪرائم سرڪل حيدرآباد ڪارروائي ڪندي پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو هو، جوابدارن خلاف عالمي اداري کان 15 شڪايتون مليون

ڪراچي (رپورٽر) حيدرآباد جي جڊيشل مئجسٽريٽ چائلڊ پورنوگرافي مواد شيئر ڪندڙ جوابدار کي 10 مهينا قيد ۽ 20 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ايف آءِ اي ترجمان موجب ڪيس جي جاچ مڪمل ڪرڻ بعد چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو ويو جوابدار ماجد علي 2022ع ۾ چائلڊ پورنوگرافي وارو مواد سوشل ميڊيا تي شيئر ڪيو هو جنهن تي ايف آءِ اي سائبر ڪرائم سرڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان مرتضيٰ وهاب سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ۾ خطاب ڪندي

# قريشي جو استعيفائن جي تصديق لاءِ اسپيڪر کي خط، ملاقات لاءِ وقت گهري ورتو

پي ٽي آءِ ميمبرن اسپيڪر وٽ پيش ٿي استعيفائن جي تصديق ڪرڻ چاهين ٿا ۽ پي ٽي آءِ ميمبرن جي استعيفي منظور ڪرڻ ۾ وڌيڪ دير نه ڪئي وڃي: شاهه محمود قريشي

اسان جي حڪومت کي سازش تحت هٽائي امپورٽڊ حڪومت کي مڙهيو ويو اسان قومي اسيمبلي تان استعيفي ڏنا پر اهي استعيفي اليڪشن ڪميشن ڏانهن نه اماڻيا ويا

استعيفائن جي منظوري ۾ سليڪٽيڊ ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪيون ويون، جونڊيل ميمبرن جي استعيفائن جي منظوري کي سياسي مقصد جي لاءِ استعمال ڪيو ويو

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي خط لکي تحريڪ انصاف جون استعيفائون منظور ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. خط ۾ شاهه محمود قريشي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان ملاقات جو وقت گهري ورتو آهي. شاهه محمود قريشي خط ۾ چيو آهي ته پي ٽي آءِ ميمبرن اسپيڪر وٽ پيش ٿي استعيفائن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي پريس ڪانفرنس ڪندي

## سنڌ سرڪار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس ڪميشن قائم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ادر ميڊيا پريڪٽشنرز ڪميشن جي قائم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو نوٽيفڪيشن موجب ڪميشن جي ميمبرن ۾ ڪي يو جي جو جنرل سيڪريٽري فهيم صديقي، اي پي اين ايس جو نمائندو قاضي اسد ۽ سي پي اين اي جو نمائندي جبار خٽڪ ڪانسواءِ پي بي اي جو محمد اظهر قاضي، سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

# اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ داخل سمورا ڪيس ختم

سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان وڌيڪ ڪيس داخل نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

اعظم سواتي جي ڪسٽڊي اسلام آباد ڏانهن منتقل ڪئي وئي آهي: پراسيڪيوٽر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ سينيٽر اعظم سواتي خلاف داخل سمورا ڪيس ختم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

# ڇهن مهينن ڪانپوءِ چونڊون ٿيڻيون آهن، گورنر راڄ نه ٿو چاهيان: گورنر ڪي پي ڪي

خيبرپختونخواهه جي گورنر غلام علي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي کي فون ڪيو

گورنر صوبي ۾ راڄ نه ٿو چاهي، مان موجوده سياسي صورتحال کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندس

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي گورنر غلام علي چيو آهي ته ملڪ ۾ 6 مهينن ڪانپوءِ چونڊون ٿيڻيون آهن، تنهن ڪري گورنر صوبي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

# دنيا تبديل ٿي رهي آهي هاڻ خلا جون حقيقتون به راز ناهن رهيون: محمد سعيد قريشي

مريخ جون تصويرون به وصول ٿي رهيون ٿيون، طبي سائنس ۾ نيڪسٽ جنريشن ايم آر اين اي ويڪسن ٺاهي وئي آهي

جين ۾ تبديليون شامل جي محفلن جو موضوع بڻجي ويون آهن عملي زندگي ۾ ڪجهه اهڙ قدرن جا پابند ٿي وڃن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز وائيس چانسلر پروفيسر محمد سعيد قريشي چيو آهي ته دنيا تبديل ٿي رهي آهي هاڻ خلا جون حقيقتون به راز ناهن رهيون مريخ جون تازيون تصويرون به وصول ٿي وڃن ٿيون هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

# اختر مينگل پاران ريڪوڊڪ معاهدي جي مذمت، بلوچستان لاءِ وڌيڪ حصي جو مطالبو

سي پيڪ وانگر ريڪوڊڪ معاهدي بابت ڪنهن کي به خبر ناهي، سواءِ انهن ماڻهن جي جن اهو ڏنڊي جي زور تي منظور ڪرايو آهي: اختر مينگل

سدائين نندن صوبن لاءِ اڻ ٿيڻي واري صورتحال پيدا ٿي آهي، ريڪوڊڪ جي حوالي سان پي ٽي آءِ حڪومت ۾ معاهدو ٿيو ته تڏهن به اسان ان معاهدي تي اعتراض واريا هئا

اسان اهو چوڻ چاهيون ٿا ته جڏهن ريڪوڊڪ بلوچستان ۾ آهي ته بلوچستان کي ان جو مالڪ مڃيو وڃي پر هتي مالڪ تسليم ڪرڻ بدران حصي ۾ سيڪڙي جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت جي اتحادي جماعت بلوچستان نيشنل پارٽي جي سربراهه سردار اختر مينگل چيو آهي ته سي پيڪ وانگر ريڪوڊڪ معاهدي بابت ڪنهن کي به خبر ناهي، سواءِ انهن ماڻهن جي جن اهو ڏنڊي جي زور تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

# اي ڊي بي سان معاهدا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته پاڪستان ديفالٽ نه ٿيندو: اياز صادق

مخالف افواهون ڦهلائي رهيا آهن، ملڪ جو ڏيوالو نه نڪرندو، ايشيائي ترقياتي بئنڪ سان ڪجهه پراجيڪٽ سائن ڪري رهيا آهيون

اي ڊي بي کان سنين شرطن تي به ڏهائي ست ارب ڊالر جي قرض جو معاهدو ڪيو آهي، رڳو اپريل کان هينئر تائين 2.3 ارب ڊالر جي قرض جا معاهدا ڪيا آهن

جيڪڏهن پاڪستان جي ديفالٽ جو خدشو هجي ها ته معاهدا نه ٿين ها، معاهدا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته پاڪستان ڏيوالي جو شڪار نه ٿيندو

اسلام آباد (م د) اقتصادي مامرن واري وفاقي وزير اياز صادق چيو آهي ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ سان معاهدو ثبوت آهي ته پاڪستان ديفالٽ نه ٿيو ڪري، مخالف افواهون ڦهلائي رهيا آهن. ملڪ جو ڏيوالو نه نڪرندو. اسلام آباد ۾ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

## عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن تي اثر، پيٽرول سستو ٿيڻ جا امڪان

ڪراچي (رپورٽر) عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي سبب پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. انڊسٽري ذريعن موجب عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو اثر پاڪستان ۾ به تيل جي قيمتن تي پئجي سگهي ٿو جنهن تحت ڊيزل 9 رپيا في ليٽر سستو ٿيڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته پيٽرول جي قيمت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان مرتضيٰ وهاب تقريب کي خطاب ڪندي

# ڪراچي کي ٻيهر روشنين جو شهر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن: ڪامران ٽيسوري

ٻوٽا لڳائڻ سان گڏ پارڪن ۽ فوٽ پاٿن کي به بهتر ڪيو پيو وڃي، هاڻي ڪنهن به پارڪ جي شان هوندا آهن ۽ اهي بئي هن پارڪ جي شان ۾ به اضافو ڪري رهيا آهن

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي الهدين پارڪ جي ٻيهر تعمير ٿي رهي آهي، هن پارڪ کي وڌيڪ خوبصورت بڻايو وڃي ۽ وڌيڪ جانورن کي به آندو وڃي

گڏجي مسئلا حل ڪنداسين، سڀ ڪجهه بهتري طرف وڃي رهيو آهي، سمورا واعدا پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پارڪ ۾ ٻارن کي خوش ڏسي تمام سٺو لڳو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته ڪراچي کي ٻيهر روشنين جو شهر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ٻوٽا لڳائڻ سان گڏ پارڪن ۽ فوٽ پاٿن کي به بهتر ڪيو پيو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سفاري پارڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري سفاري پارڪ ۾ موجود هاٿين جي سالگرهه جي تقريب ۾ موجود اسڪولي ٻارن سان هٿ ملائيندي

# سنڌ بار ڪائونسل پاران نئون بارروم ۽ وڪيلن جي هيلٿ انشورنس جي حوالي سان هڪ تقريب

مرتضيٰ وهاب جي سپورٽ سان بار کي پارڪنگ سميت نيو اينيڪسي بلڊنگ ۾ فلور مليو: وڪيل اڳواڻ حيدر امام رضوي

اسان مرتضيٰ وهاب جو شڪرگذار آهيون، اسان جي وڪيلن جو پراڻو خواب هيو ته هيلٿ انشورنس هجي

پر لکن جو هر وڪيل کي ڪارڊ هوندو، سڄي سنڌ ۾ اها سهولت موجود هوندي، ڪنهن کي ڪنهن جي ضرورت نه پوندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ بار ڪائونسل پاران نئون بارروم ۽ وڪيلن جي هيلٿ انشورنس جي حوالي سان هڪ تقريب ڪرائي وئي، جنهن ۾ مهمان خصوصي سنڌ جي وڏي وزير جو قانون جو صلاحڪار مرتضيٰ وهاب هو. تقريب ۾ سنڌ بار ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

# عمران خان حملو ڪيس، جوابدارن جا بيان غيرتسلي بخش قرار

عمران خان حملي ڪيس ۾ پولي گرافڪ ٽيسٽ ڪرائي وئي آهي، جوابدارن جي بيانن کي غيرتسلي بخش قرار ڏنو ويو آهي

عمران خان حملي ڪيس ۾ جي آءِ ٽي جي جاچ جاري آهي، مک جوابدار ۽ سندس ساٿين جو پولي گرافڪ ٽيسٽ ڪرائي وئي آهي

پولي گرافڪ ٽيسٽ ۾ ٽئي جوابدار پنهنجي پهرين بيان تي قائم رهيا، پولي گرافڪ ٽيسٽ مشين ٽنهي جوابدارن جي بيانن کي غيرتسلي بخش قرار ڏنو

اسلام آباد (م د) عمران خان حملي ڪيس ۾ پولي گرافڪ ٽيسٽ ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ جوابدارن جي بيانن کي غيرتسلي بخش قرار ڏنو ويو آهي. عمران خان حملي ڪيس ۾ جي آءِ ٽي جي جاچ جاري آهي. مک جوابدار ۽ سندس ساٿين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سيالڪوٽ: پنجاب جو گورنر محمد بليغ الرحمان سيالڪوٽ جي بزنس ڪميونٽي کي خطاب ڪندي

## سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ۾ سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ ڪيسن جي خلاف ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ۾ سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ ڪيسن جي خلاف پٽ عثمان سواتي جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. عدالت سمورن ڪيسن کي ختم ڪري رپورٽ جمع ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ٻڌڻي جي دوران عدالت ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ڊي آءِ جي اوپريشنس مقدس حيدر، ڊي آءِ جي اولهه فدا حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

# ڪراچي لاءِ بجلي جي قيمت ۾ 2 رپيا 45 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي منظوري

ڪي اليڪٽرڪ هڪ رپيو 88 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي درخواست ڪئي هئي

جنهن تي نيپرا 30 نومبر 2022ع تي ايف سي اي تي عوامي ٻڌڻي ڪئي

ڪراچي (م د) نيپرا ڪراچي لاءِ بجلي قيمت ۾ ٻه رپيا 45 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. نيپرا طرفان جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

# پير ڳوٺ هاءِ اسڪول ۾ شاگردن ۾ جهيڙو، 6 زخمي، 4 گرفتار

جهيڙي دوران ڪاشف، سمير، گل نواز تعمير راهوجو، ناصر جاگيراڻي ۽ فدا جاگيراڻي زخمي ٿي پيا

جاگيراڻي برادري جي شاگردن ٻاهران ماڻهو گهرائي شاگردن تي تشدد ڪرايو: هاءِ اسڪول جا استاد

پير جو ڳوٺ (رپورٽر) پير جو ڳوٺ هاءِ اسڪول ۾ شاگردن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو لڙائي لڳڻ سبب 6 شاگرد زخمي ٿي پيا جڏهن ته پوليس 4 ڄڻن کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

# پي ٽي آءِ طرفان شريف خاندان تان ڪرپشن ڪيس ختم ٿيڻ خلاف عدالت وڃڻ جو اعلان

شريف خاندان جي مختلف ڪيسن ۾ ضمانت ۽ بريت خلاف تحريڪ انصاف آرٽيڪل 184 تحت سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي: فواد چوڌري

سپريم ڪورٽ هڪ پاڻمرادو نوٽيس ورتو آهي ان ۾ اسان ڌر بڻباسين، اسان جو موقف آهي ته مريم نواز، شهباز شريف، حمزه شهباز جي ڪرپشن ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ ڪوليا ويندا

جنهن نموني سندن اپيلون فائل ٿيون ۽ انهن تي فيصلا ٿيا سپريم ڪورٽ ان تي نظرثاني ڪري، شريف خاندان ملڪ تي ايڏا وڏا ڌاڙا هنيا آهن

لاهور (م د) تحريڪ انصاف شهباز شريف، مريم نواز، حمزه شهباز ۽ ٻين جي ڪرپشن ڪيسز ۾ بريت خلاف سپريم ڪورٽ سان رابطي جو فيصلو ڪيو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي ۽ فواد چوڌري لاهور ۾ پريس ڪانفرنس دوران ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

## ملڪي متاستا ناڻي جا ذخيرا ڪيترا آهن؟ اسٽيٽ بئنڪ انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ متاستا ناڻي جي ذخيرن جا تازا ترين انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. اسٽيٽ بئنڪ متاستا ناڻي جي ذخيرن جا نو ڊسمبر تائين جا انگ اکر جاري ڪيا آهن جنهن موجب پاڪستان جا پرڏيهي متاستا ناڻي جا ذخيرا 12 ارب 57 ڪروڙ ڊالر آهن. اسٽيٽ بئنڪ وٽ متاستا ناڻي جا ذخيرا 6 ارب 70 ڪروڙ ڊالر آهن. اسٽيٽ بئنڪ موجب ڪمرشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لاهور: تحريڪ انصاف جو مرڪزي اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

# ڪشمور اينڊ ڪنڌڪوٽ ۾ اغوائن جو سلسلو رڪجي نه سگھيو، مغوي جي وارثن جو احتجاج

زورڳڙهه واري علائقي مان مڇي جي فارم تان چوڪي ڊينڊڙ نظير عرف شالو گولو پٽ نه پهچي سگھيو

مغوي جي ڀاءُ محرم گولو وارثن زاهد گولو منيراحمد گولو سميت ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي مظاهرو ڪيو

مغوي کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ اسان انڊس هاءِ وي تي تاريخي ڌرڻو هڻنداسين: مظاهرين

ڪنڌ ڪوٽ (غالب بلوچ) ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڌ ڪوٽ ۾ اغوائن جو سلسلو رڪجي نه سگھيو پريس ڪلب ڪنڌ ڪوٽ سامهون گولا برادري پاران هڪ هفتو اڳ زورڳڙهه مان مڇي جي فارم تان چوڪي ڊينڊڙ نظير عرف شالو گولو... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪنڌ ڪوٽ: اغوائن جو سلسلو رڪجي نه سگھيو مغوي جي وارثن جو احتجاج جاري

## غوثپور ٿاڻي جي حد مان ٻه ڏينهن اڳ اغوا ٿيل لاڙڪاڻي واسي 2 ڄڻا بازياب نه ٿيا

لاڙڪاڻو(رپورٽر) غوثپور ٿاڻي جي حد مان ٻه ڏينهن اڳ اغوا ٿيل لاڙڪاڻي واسي ٻن مغوين زاهد عمراڻي ۽ سڪندر عمراڻي جي ڪشمور ڪنڌڪوٽ پوليس بازياب نه ڪرائي سگھي جنهن ڪري سندس وارثن ۾ سخت پريشاني واري لهر ڇانيل آهي، ان سلسلي ۾ مغوين جي وارثن محمد شريف عمراڻي، محمد حنيف عرف حريف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

# ڪشمور ۾ گرونانڪ سنگھ سڀا جي ڪيرتن دربار ۾ ٻارهون ميلو جاري

سک برادري جي مذهبي ڪتاب گروگرنٿ صاحب جي پالڪي صاحب واري ريلي نڪتي

ميلي جي سڀاڻي پڄاڻي ٿيندي ميلي ۾ سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا

ڪشمور(رپورٽ:اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ۾ گرونانڪ سنگھ سڀا جي ڪيرتن دربار ۾ ٽن ڏينهن وارو ٻارهون ميلو ملهايو پيو وڃي ميلي جي اڄ پڇاڻي ڏينهن جي تقريب ۾ سک برادري جي مذهبي ڪتاب گروگرنٿ صاحب جي پالڪي صاحب واري ريلي ڪڍي وئي آهي ريلي ۾ پارٽ سميت مختلف ملڪن جي سک ياترين ۽ پاڪستان جي مختلف ضلعن مان آيل سک برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

# ڪراچي پريس ڪلب اڳيان اين ٽي ايس پاس استادن تي تشدد خلاف احتجاج

دادو پريس ڪلب اڳيان اين ٽي ايس پاس استادن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

جاويد لغاري منور سيال، ڪامران سومرو، علي گوهر سومرو، امجد سولنگي پاران ريلي

9 سالن کان آفر آرڊر لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون پر ڪو تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي: مظاهرين

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڪراچي پريس ڪلب اڳيان اين ٽي ايس پاس استادن تي پوليس پاران تشدد ڪرڻ ۽ مرڪزي اڳواڻ سميت استادن کي ڪنيي ڪٽي وڃڻ واري عمل خلاف دادو پريس ڪلب اڳيان اين ٽي ايس پاس استادن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي جاويد لغاري منور سيال، ڪامران سومرو، علي گوهر سومرو، امجد سولنگي، عامر ۽ ٻين جيو ته اسان اين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو: اين ٽي ايس پاس استادن تي تشدد خلاف ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

## لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل پاران شاعر شاهين سنڌيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ادبي ريفرنس

لاڙڪاڻو( رپورٽر ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻي جي پٽائي ادبي هال ۾ ٽاليواري هدايتڪار ,شاعر ٻرامي واري شعبي جي چيئرمين سرور سالمر ۽ خوبصورت شاعر شاهين سنڌيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ادبي ريفرنس ٿي گذريو جنهن ۾ شاعرن اديبن ۽ سماجي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# دڙي ۾ ننڍي عمر جي 7 ڄڻن حافظ قرآن پاڪ جو شرف حاصل ڪري ورتو

قرآن جا تاج پهريندڙ نوجوانن ۽ انهن جي مائٽن جا چهرا خوشي وچان ٻهڪي پيا

تقريب جي صدارت پيرجان آغا جان سرهندي فاروقي مجددي نقشبندي صدارت ڪئي

مسلمان ديني تعليم کان پري ٿيندو پيو وڃي، پاڪ وٽ قرآن جي حافظن جو مان آهي: ڳالهيون

دڙو ( رپورٽ:شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ قرآن پاڪ جون مليون لوليون..!! ننڍي عمر جي 7 ڄڻن حافظ قرآن پاڪ جو شرف حاصل ڪري ورتو دستاربندي تقريب، حافظ قرآن جا تاج پهريندڙ نوجوانن ۽ انهن جي مائٽن جا چهرا خوشي وچان ٻهڪي پيا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دڙو: دڙي ۾ ننڍي عمر جي 7 ڄڻن حافظ قرآن پاڪ جو شرف حاصل ڪري ورتو

## لاڙڪاڻي ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ چائنيز گينسو ڪمپني پاران صفائي جو ڪم هلندڙ

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ چائنيز گينسو ڪمپني طرفان 27 ڊسمبر ملڪ جي اڳوڻي عورت وزيراعظم شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تقريب جي حوالي سان شهر سميت آس پاس جي علائقن ۾ صفائي سٿرائي جو ڪم تيز ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ چائنيز گينسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

# نوشهروفيروز پوليس جي نااهلي ۽ رشوت خوري سبب شهر ۾ علائقن ۾ چورين جو آزار

ستي ٿاڻي جو ايس ايڇ او قربان ڪلوڙ چورن جي آسري تي ويٺل، ايس ايس پي نوٽيس نه ورتو

موٽرسائيڪل , سولر جا ٻه پئنل , ٽي ٻڪريون ۽ ٻشني ڪيسي مان چاونجاهه هزار ڪڍي ويو

ڪوبه مسئلو حل ناهي ڪيو ويو ويتر ايس ايڇ او قربان ڪلوڙ بدتميزي سان پيش اچي ٿو:شهري

نوشهروفيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز پوليس جي نااهلي ۽ رشوت خوري سبب شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ چورين ڦرن ۾ رڪارڊ اضافو ٿيڻ لڳو , ستي ٿاڻي جو ايس ايڇ او قربان ڪلوڙ چورن جي آسري تي ويٺل ايس ايس پي وري ان چورن جي آسري تي ويٺل ايس ايڇ او جي انتظار ۾ شهري پٽي عذاب هيٺ وڏنڊ بدامني خلاف صحافي ۽ سياسي سماجي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

## سکر ضلعي انتظاميا جي دعوائن باوجود ميهن جا واڙا ڪيٽل ڪالوني ۾ منتقل نه ٿيا

سکر( رپورٽر) سکر ضلعي انتظاميا جي دعوائن باوجود ميهن جا واڙا ڪيٽل ڪالوني ڏاهن شفٽ نه ٿي سگھيا شهر ۾ واڙن جي هجڻ سبب ٽريفڪ سميت ڊرينيج ۽ صفائي وارو نظام متاثر شهرين پاران سکر شهر ۽ ٻاهرن ڀاڙن ۾ قائم ميهن جي واڙن کي ڪيٽل ڪالوني شفٽ ڪرڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# پڙهندي سنڌ ۽ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ ٽنڊومحمدخان ۾ جاڳرتا ريلي

ٽنڊومحمدخان جي مين پرائمري اسڪول کان الفتاح چوڪ تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

چيف مانيٽرنگ آفيسر عبدالحليم لغاري، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالوهاب نظاماڻي شريڪ

سنڌ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ سموري سنڌ ۾ تعليم جاڳرتا ريليون ۽ سمينار منعقد ڪيا پيا وڃن:اڳواڻ

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) پڙهندي سنڌ ۽ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ ٽنڊومحمدخان جي مين پرائمري اسڪول کان الفتاح چوڪ تائين هڪ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ عزم ورجهايو ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تعليم جا ڏيا ٻاريا ويندا ريلي ۾ چيف مانيٽرنگ آفيسر عبدالحليم لغاري . ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊومحمدخان: پڙهندي سنڌ ۽ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ ٽنڊومحمدخان ۾ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

## يوريا ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ جو ڪاروبار ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي پيو: واپاري

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) ڪوٽڏيجي ۾ يوريا ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ جو ڪاروبار ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي ريو ڪوٽڏيجي(رپورٽ: لعل بخش گوپانگ تفصيل موجب ڪوٽڏيجي سميت ضلع خيرپور جي هرهڪ ننڍي وڏي شهر ۾ يوريا ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ جوڪاروبار وڏي رهيو آهي.ڪوٽڏيجي جي غريب طبقي سان تعلق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

# مانجھند پرسان لاڪا انڊس هاءِ وي تي سوزوڪي سان ٽڪرائجڻ سبب ٻارڙو فوت

جامشورو مان واپس سن اينڊ سن واسي خاندان جو هڪ ٻارڙو فوت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين ۾ سندس والد سومر پليجو پاڻيٺيا نجيب پليجو ۽ امجد پليجو شامل آهن

مانجھند(رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجھند پرسان لاڪا انڊس هاءِ وي تي سوزوڪي سان پويان اينڊ ڪار ٽڪرائجڻ سبب جامشورو مان واپس سن اينڊ سن واسي خاندان جو هڪ ٻارڙو فوت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا جو واسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

# ايس ايس پي نوشهروفيروز جي هدايتن تي منشيات فروش ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪارروايون

پڊعيدن ٿاڻي جي پوليس ڳجھي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي گٽڪو فروش کي گرفتار ڪيو

جوابدار زاهد علي سومرو جي قبضي مان منشيات جون ڳٽڪي جون 110 ساشي هٿ ڪيون ويون

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي هدايتن تي منشيات فروش ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن پڊعيدن ٿاڻي جي پوليس ڳجھي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي گٽڪو فروش کي گٽڪا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: ايس ايس پي جي هدايتن تي ڏوهارين خلاف ڪارروايون شروع ڪيون ويون

# اعجاز ممنائي انٽرنيشنل رائٽرز فورم اسلام آباد طرفان سنڌ ادب جو سربراهه مقرر

سنڌي ادب جي واڌ لاءِ ڪوششون ڏسي ڪيس صوبائي سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي

پاڪستان سميت دنيا جي ڪيترين ئي شخصيتن کي ادبي خدمات عيوض ايوارڊ ڏنا ويندا

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوجوان اديب شاعر محقق ۽ سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي کي انٽرنيشنل رائٽرز فورم اسلام آباد طرفان سنڌ ادب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

# اوٻاوڙي جو رهواسي الائنس شوگر مل جو ملازم جو لاش ڪيميڪل واري تلاءُ مان هٿ

جنيد ملڪ ولد مرحوم محمد حنيف ملڪ الائنس شوگر مل اوٻاوڙو ڊيوٽي تي ويو هو

لاش پراسرار نموني شوگر مل اندر ڪيميڪل واري تلاءُ اندر مليو، ڪوريج ڪرڻ کان روڪيو ويو

اوٻاوڙي (رپورٽر) اوٻاوڙي جو رهواسي الائنس شوگر مل اوٻاوڙو جو ملازم جنيد ملڪ ولد مرحوم محمد حنيف ملڪ ڪلهه کان وٺي الائنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

# بدين شهر ۾ سيراڻي روڊ تي ٽيڪنيڪل ڪاليج جي سامهون حادثو

هيرو ولد سومجي ، ساگر ولد هيرو ۽ بشير احمد جوڻيجو زخمي ٿي پيا

ڊي ايڇ ڪيو انڊس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ هڪ زخمي حيدرآباد روانو

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين شهر ۾ سيراڻي روڊ تي ٽيڪنيڪل ڪاليج جي سامهون ٻن موٽر سائيڪلن جو آمهون سامهون ٽڪر ۾ چار مائٿهون هيرو ولد سومجي ، ساگر ولد هيرو ۽ بشير احمد جوڻيجو زخمي ٿي پيا جن کي ڊي ايڇ ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# آزاد پبلڪ اسڪول ٺاروشاهه ۾ سائنسي ميلو لڳايو ويو، ساجهه وند شريڪ

قاضي عبدالڪبير خصوصي شرڪت ڪئي شيون ناهي ايندڙن کان داد وصول ڪيو

ميلي ۾ حصو وٺندڙ اسڪول آپريٽرز کي ميزبان اسڪول پاران شيلڊون ڏنيون ويون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) آزاد پبلڪ اسڪول ٺاروشاهه ۾ سائنسي ميلو لڳايو ويو جنهن ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مينيجنگ ڊائريڪٽر قاضي عبدالڪبير خصوصي شرڪت ڪئي ان کان علاوا سنڌ ايجوڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: آزاد پبلڪ اسڪول ٺاروشاهه ۾ سائنسي ميلو لڳايو ويو.

# لاڙڪاڻو بورڊ طرفان شاگردن کان امتحاني فيس وٺڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

وارهه جي سوشل ورڪر جي سڏ تي شاگردن سياسي سماجي اڳواڻن طرفان مظاهرو ڪيو

نوٽيس وٺي امتحاني فيس ختم ڪري غريب شاگردن کي تعليم جو حق ڏنو وڃي:مظاهرين

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه لاڙڪاڻو بورڊ طرفان شاگردن کان امتحاني فيس وٺڻ واري تعليم دشمن فيصلي خلاف وارهه ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو لاڙڪاڻو بورڊ طرفان نائين ڪلاس جي 12سئو ۽ ڏهين ڪلاس جي 26 سئو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

# عالمگير ويلفيئر ٽرسٽ بهادرآباد طرفان ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

ڳوٺ دڙي وارا ٻوهيا ۾ هڪ ڏينهن جي فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

برسات ستايل ڳوٺاڻن جو طبي معائنو ڪري مريضن کي مفت دوائون ڏنيون

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ ) عالمگير ويلفيئر ٽرسٽ بهادرآباد ڪراچي طرفان نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ دڙي وارا ٻوهيا ۾ هڪ ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز: عالمگير ويلفيئر ٽرسٽ بهادرآباد طرفان منت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

# سيد مراد علي شاهه قمبر پهچي ويو، ٻوڏ متاثرين علائقي جو مختصر دورو

ايم پي اي سردار خان چانڊيو ۽ صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو پڻ موجود هئا

پاٽيءَ هيٺ هئين هاڻي صرف 30509 ايڪڙن تان پاڻي ٻچيو آهي: جام خان شورو

مراد علي شاهه زمينن تان پاڻي نڪاسي کي جلد کان جلد ڪڍڻ جي به هدايت ڪئي

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه وزير اعلى سنڌ سيد مراد علي شاهه قمبر شهدادڪوٽ جو ٻوڏ متاثرين علائقي جو مختصر دورو ڪيو جتي ٻ پ ايم پي اي نواب سردار خان چانڊيو ۽ صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو پڻ موجود هئا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

وارهه: سيد مراد علي شاهه قمبر پهچي ٻوڏ متاثرين جي علائقي جو دورو ڪيو

## مڇ ڪچهريون سنڌ جي قديمي ثقافت ۽ روايت ۾ شامل آهن: امام علي شاهه بخاري

ڪوٽڏيجي(رپورٽر) مڇ ڪچهريون سنڌ جي قديمي ثقافت ۽ روايت ۾ شامل آهن ان سان ماڻهن ۾ پيار محبت وڌي ٿو زنده قومون ئي پنهجي ثقافت ۽ قومي ڏهاڙن کي ياد رکنديون آهن اهڙن خيالن جو اظهار پريس ڪلب ڪوٽڏيجي جي تاحيات صدر ۽ قومي امن ڪاميٽي بين المزاهب براءِ هم آهنگي انفارميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

# صحت ۽ ٻهبود آبادي جي صوبائي وزير پاران ٿيليسيميا سينٽر بدين جو دورو

ڪليپ جنرل اسپتال لاهور پاران سول اسپتال بدين ۾ لڳل ڪيمپ جو دورو ڪيو ويو

5753 ۾ بدين ۾ 728 چپ ۽ تارو ڪٽيل مريضن جا آپريشن ڪيا آهن: صوبائي وزير

ٿيليسيميا سينٽر ۾ 650 ٻارڙا رجسٽرڊ آهن هفتو يا پندرنهن ڏينهن تي مفت رت لڳايو ويندو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) صحت ۽ ٻهبود آبادي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ڪليپ جنرل اسپتال لاهور پاران سول اسپتال بدين ۾ لڳل ڪيمپ ۽ منو ڀائي ٿيليسيميا سينٽر بدين جو دورو ڪيو صوبائي وزير چيو ته سڀ صحت هر ماڻهو جو بنيادي حق آهي سنڌ حڪومت بهتر صحت لاءِ ڪوششون وٺي رهي آهي ان موقعي تي پارلياماني سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين: صحت ۽ ٻهبود آبادي جي صوبائي وزير پاران ٿيليسيميا سينٽر جو دورو ڪندي

## لاڙڪاڻي شهر پرسان مري چوڪ وٽ دادو ڪان موٽروي پوليس جي گاڏي ڪلٽي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر پرسان مري چوڪ وٽ دادو کان لاڙڪاڻي ايندڙ موٽر وي پوليس جي گاڏي موٽرسائيڪل کي بچائيندي ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ انسپيڪٽر ذوالفقار چانڊيو، انسپيڪٽر طارق جت، انسپيڪٽر رياض احمد بروهي، سب انسپيڪٽر نديم پٽي، سب انسپيڪٽر رانا مزمل، سب انسپيڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

# راڻيپور لڳ يوسي جهندو مشائخ جي ڳوٺ رسول بخش بروهي ۾ پراسرار بيماري ڦلهجي وئي

هڪ ئي خاندان جا معصوم ٻارڙي سميت ٽي ماڻهون فوت، ڳوٺاڻا لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا

شيخ برادري جي هڪ خاندان جا معصوم ٻارڙي سميت ٽي ماڻهون بيماري سبب موت جو شڪار ٿي ويا

يوسي جهندو مشائخ جي انتظاميه وڏي بجيٽ رکندي به غريبن لاءِ ڪوئي اثرائتو قدم نٿي کڻي: رهواسي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور لڳ يوسي جهندو مشائخ جي ڳوٺ رسول بخش بروهي ۾ پراسرار بيماري ڦلهجي وئي هڪ ئي خاندان جا معصوم ٻارڙي سميت ٽي ماڻهون فوت ڳوٺاڻا لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا متاثر ڳوٺاڻن جو سنڌ پريس ڪلب راڻي جي صحافين اڳيان احتجاجي مظاهرو رپورٽ موجب ڳوٺ رسول بخش بروهي ۾ پراسرار بيماري ڦهلجي وئي شيخ برادري جي هڪ ئي خاندان جا معصوم ٻارڙي سميت ٽي ماڻهون بيماري سبب موت جو شڪار ٿي ويا ڳوٺاڻن جو جنسار شيخ ,منصور شيخ، صعادالله شيخ، حبيب الله گورگيج ,پنهل گورگيج ,سمن بروهي ,نذير بروهي جي اڳواڻي ۾ سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

# صحافي شفيق الزمان لغاري جي گهر مان ٿيل چوري واپس نه ٿيڻ خلاف احتجاج

سياسي، سماجي مذهبي اڳواڻن ۽ قلم ڌڻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو ويو

عمران گاڏهي، مختيار چانڊيو، عرفان مشوري، برڪت چانڊيو،شفيق زمان لغاري احتجاج ڪيو

صحافي شفيق زمان لغاري جي ان ڪان اڳ به تقريبن 8 لک کان وڌيڪ چوري ٿي هئي:مظاهرين

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو ) صحافي شفيق الزمان لغاري جي گهر مان ٿيل چوري واپس نه ٿيڻ خلاف سٽي پريس ڪلب کان سياسي، سماجي مذهبي اڳواڻن ۽ قلم ڌڻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري علمدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خيرپور ناٿن شاهه : صحافي شفيق الزمان لغاري جي گهر مان ٿيل چوري واپس نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

## لاڙڪاڻي ۾ پاپوليشن کاتي جي ملازمن طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پاپوليشن کاتي جي ملازمن طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ قلم ڇڏ هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، جتي هنن نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻي ڪندڙ پيرل دايو، محمد شريف عمراڻي، عبدالوحيد چانڊيو، قطب الدين راجپوت، عامر رضا ڪيهر، طارق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

# پيپلز ليبر بيورو سکر ڊويزن جو هڪ اهم اجلاس، بينظير ڀٽو جي ورسي جي انتظامن تي غور

ڪارڪنن جو اجلاس غلام اڪبر سارنگ چانڊيو جي صدارت هيٺ سرڪٽ هائوس ۾ ٿي گذريو

محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ پيپلز ليبر بيورو جي ڀرپور طريقي سان شرڪت ڪرڻ تي غور ويچار

هن پارٽي جو علم هميشه بلند رکيو ۽ ڪڏهن به ظالمن ۽ ڊڪٽيٽرن جي آڏو آڻ نه مڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

سکر(رپورٽر) پيپلز ليبر بيورو سکر ڊويزن جو هڪ اهم اجلاس ڊويزنل صدر غلام اڪبر سارنگ چانڊيو جن جي صدارت هيٺ سرڪٽ هائوس سکر ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ پيپلز ليبر بيورو سنڌ جي نائب صدر سيد قطب علي شاهه خصوصي طور تي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پيپلز ليبر بيورو ضلع سکر پيپلز ليبر بيورو سٽي سکر پيپلز ليبر بيورو ضلع خيرپور ۽ پيپلز ليبر بيورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي هدايتن تي ناجائز حدخلين کي ختم ڪرڻ لاءِ اجلاس

اسسٽنٽ ڪمشنر حسان ظفر جي سربراهي ۾ سندس آفيس ۾ هڪ اجلاس ٿي گذريو

امداد سولنگي، سي ايم او عمران علي ميمڻ، اينٽي انڪروچمينٽ محرم زرداري شريڪ ٿيا

روڊن جي ريڙهن، رڪشائن جو بلاجواز روڊ تي بيهڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي

نوشهروفيروز( رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي هدايتن تي ضلعي جي سمورن شهرن مان غير قانوني حدخلين جي خاتمي بابت اسسٽنٽ ڪمشنر حسن ظفر جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ڊي ايس پي مورو امداد سولنگي، چيف ميونسپل آفيسر عمران علي ميمڻ، اينٽي انڪروچمينٽ سيل جي انچارج محرم زرداري، درست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي هدايتن تي ناجائز حدخلين کي ختم ڪرڻ لاءِ اجلاس منعقد ڪيو ويو

## بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سکر لاڙڪاڻي ڊويزن جي ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

سکر(رپورٽر) مطالبن جي مڃتا لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سکر لاڙڪاڻي ڊويزن جي ملازمن پاران سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج ۾ شامل ملازمن مطالبن جي حق ۾ نعري بازي پڻ ڪئي ان موقعي تي مظاهرين جي اڳواڻي ڪندڙ ڊپٽي ڊائريڪٽر ذوهيب لانگاهه،ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

# سکرنڊ ۾ تعليم جي بهتري جي حوالي سان سيمينار انڊس پبلڪ سوشل فورم ۾ ٿي گذريو

سوشل فورم پاران سيمينار ۾ تعليم ماهرن ، اديبن ، صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

گوسڙو استادن جي ڪري ايماندار استادن کي نٿو ڇٽي سگھجي تعليم منزل ست جيان ٿي وئي آهي:عملدار

ياسين ڪيريو ، عرفان علي چانڊيو، محمد صيفل ڪيريو ، فوجي محمد شريف ڪيريو ۽ ٻين کي خطاب ڪيو

سکرن (رپورٽر) سنڌ ۾ تعليم جي بهتري جي حوالي سان سيمينار انڊس پبلڪ سوشل فورم جي ميزباني هيٺ سکرنڊ ۾ ٿي گذريو. سيمينار ۾ تعليم ماهرن ,اديبن , صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي , سيمينار کي اديب ڪهاڻيڪار محمد صديق منگيو چيو ته سنڌ ۾ ڪهڙي عالمي سازش آهي جو سنڌ ۾ تعليم تباهه آهي سنڌ حڪومت جي نااهلي سبب سنڌ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 16 ڊسمبر 2022ع

# سرحدن تي چڪتاڻ ۽ حملا مڪمل بند ڪرايا وڃن

هيستائين اسان ٻڌندا پيا اچون ته اسان جو ملڪ اهڙي هنڌ واقع آهي جو ان جي اهميت دنيا ۾ پنهنجو پاڻ ٿي ٿي ويندي آهي ۽ دنيا جي ڪا به طاقت هجي اها اسان جي ملڪ ۽ ان جي اهميت کي ڪنهن به ريت نظرانداز ڪري نه ٿي سگهي. ان جي بنياد تي ئي اسان جي ملڪ جي حڪومتن ايترين ته پاليسيون ٺاهيون ۽ ختم ڪيون آهن جو جيتوڻيڪ اهي پاليسيون اڄ تبديل ڪري انهن کان مڪمل طور تي يوٽرن ورتو ويو آهي پر انهن جا ناڪاري اثر پڻ اڃا تائين اسان ڀوڳي رهيا آهيون. چاهي اها پاليسي ٻولي جي معاملي تي هجي، پرڏيهي پاليسي هجي، داخلي پاليسيون هجن يا وري معاشي پاليسيون هجن. اسان جي پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن کي اسان سدائين داخلي توڙي خارجي سطح تي ڪيش ڪرائيندا رهيا آهيون. پر هن وقت حقيقت اها آهي ته اسان جي سرحد ٽن پاسن کان ڪنڊيدار تارن جي لوڙهي سان واڙيل آهي. ڀارت ۽ ايران پاڻ سرحدن تي تارون لڳايون آهي جڏهن ته افغانستان جي سرحد تي وري اسان جي پنهنجي حڪومتن تارون لڳايون آهن. انهن تارن جو مقصد رڳو امن جو قيام آهي پر افسوس آهي جو انهن تارن جي ڪري به اسان امن حاصل ڪري نه سگهيا آهيون. ڀارت ۽ ايران جي سرحدن تي ته گهٽ پر افغانستان جي سرحد تي تمام گهڻي گڙٻڙ هلي رهي آهي. اها گڙٻڙ ان جي باوجود آهي جو اتي هاڻ انهن طالبان جي حڪومت آهي جن جي باري ۾ اسان جي پاليسي رهي آهي ته اهي اسان جا ئي بار آهن. هاڻ اهي بار به اسان کي اکيون ڏيکاري رهيا آهن. افغان سرحد تي ٽيل چڪرين جا انگ اکر ۽ تفصيل حڪومت پاڻ پيش ڪيا آهن. وفاقي حڪومت قومي اسيمبلي کي آگاهي ڏني آهي ته چمن واقعو سرحدي تارن جي مرمت سبب پيش آيو. افغان حڪومت غلطي تسليم ڪري معافي وٺي چڪي آهي. دفاع واري وزير خواجا آصف چيو ته چمن واقعو تار وڇائڻ ۽ مرمت سبب پيش آيو. ٻهريان گڏيل ٻطرفي ڪاميٽي ۾ اهو مامرو پيش ٿيڻ گهرجي، افغان فورسز ڳرن هٿيارن سان فائرنگ ڪئي، جنهن سان 7 شهري شهيد ٿيا. اسان جي فورسز انهن جي فوجي چوڪين تي فائرنگ ڪئي، ٻطرفن رابطن ۾ افغان حڪومت واقعي تي غلطي تسليم ڪئي، واقعي ۾ جاٽي واڻي يا حڪومتي پلاننگ جو ڪو ثبوت نه مليو آهي. اهو مامرو وقت سر نبري ويو. افغان حڪومت معافي به ورتي آهي. هن چيو ته افغانستان جا اندروني مسئلا پاڪستان تي اثرانداز ٿي رهيا آهن. دنيا افغان حڪومت کي تسليم ڪري ۽ انهن جا روڪيل پيسا واپس ڪري.

هاڻ ڏسو ته اسان طالبان جي نه رڳو وڪالت ڪري رهيا آهيون پر اسان انهن جو ڪيس به وڙهي رهيا آهيون. پر ان جي جواب ۾ اسان کي ڇا ملي رهيو آهي؟ اسان تي سرحد پار کان اسان جي حدن ۾ ئي حملا ڪيا وڃن ٿا پر اسان جي حڪومت ان باري ۾ گهڻو ڪجهه نه ٿي ڪري. فورسز به ان ڪري سخت جواب نه ڏنو ته متان سرحد جي هن پار عام ماڻهن کي نقصان ٿئي. اسان سمجهون ٿا ته حڪومت کي ان حوالي سان سخت موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. جنگ ته اسان به نه ٿا چاهيون پر ڇا پنهنجي شهرين جي جاني نقصان عيوض رڳو معافيون ئي قبول ڪندا رهنداسين. حڪومت ۽ ادارن کي هاڻ سخت جواب ڏيڻو پوندو ته جيئن اسان جا شهري محفوظ ٿي سگهن. جيڪڏهن افغانستان جي حڪومت ۽ ادارا اسان جي شهرين جو احساس نه ٿا ڪن ته ڇا اسان سدائين انهن جي مدد ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو آهي؟ اسان کي به پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي مفادن موجب پاليسيون اختيار ڪرڻ گهرجن.

# سياسي انا جي ڪُن ۾ ڦاٿل ملڪ

حاڪم نصيراڻي

ملڪ جي سياسي حالتن ۾ ڏينهون ڏينهن اهڙو ته بگاڙ ايندو پيو وڃي جو ڪنهن کي يقين ئي نه ٿو اچي ته سياڻي ڇا ٿيڻ وارو آهي؟ تحريڪ انصاف پنجاب ۽ خيبر پختونخواه اسيمبليون ٽوڙڻ جي تيارين ۾ آهي. تحريڪ انصاف حڪومت کي گوڏا ڪوڙائڻ لاءِ مختلف سياسي داءُ پيچ ڪيڏڻ جي ڪوششن ۾ مصروف آهي. ڏٺو وڃي ته جيڪڏهن تحريڪ انصاف پنهنجيون حڪومتون ختم ڪري ٿي ته ان سان وقتي طور هڪ سياسي بحران پيدا ٿيندو پر اهي چونڊون خان صاحب جي سياست لاءِ به اهم هونديون. جيئن ته خان صاحب پنهنجي نااهلي جي واويلا هاڻي سان ئي شروع ڪري ڏني آهي. جيئن ته هر ماڻهو کي پنهنجي ڪيل ڪوتاهين جي پلي پت خبر هوندي آهي، ان ڪري هڪ چالاڪ ۽ شاطر ماڻهو اڳ ۾ ان جي واويلا ڪري پاڻ کي مظلوم بڻائڻ جي ڪوشش به شروع ڪري ڇڏي ٿو. جيئن وقت اچڻ تي اهو چئي سگهي ته "مون ان لاءِ رڙيون پئي ڪيون جو مون خلاف سازش پئي ٿئي." هاڻي خان صاحب جي حالت به ان چالاڪ ۽ شاطر ماڻهو واري پئي لڳي، جيڪو شوشو ڇڏي پنهنجيون ڪوتاهيون لڪائڻ جي ڪوشش پيو ڪري. ڏٺو وڃي ته اسان وٽ احتساب انتقام لڳندو آهي. دنيا جي نامور ادارن اسان جي عدالتي نظام کي جنهن انداز سان پيش ڪيو آهي ان مان صاف صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ماضي ۾ اسان وٽ فيصلا ڪيئن ٿيندا رهيا آهن؟ هر سچو فيصلو به مشڪوڪ ۽ انتقامي لڳندو آهي. نوازشريف، پ پ پ، پرويز مشرف يا وري عمران خان جي دور ۾ احتساب جي نالي تي نهيل ڪيس وقت اچڻ تي پاڻمرادو ختم ٿيندا ويا. نتيجو اهو نڪتو جو سياستدان پنهنجي ڪوتاهين جو گند طاقتور ڌرين تي اڇلڻ لڳا آهن. خان صاحب وڏي واڪي چئي ڇڏيو هو ته نيب منهنجي ڪنٽرول ۾ نه هئي اها ٻي ڳالهه آهي جو نيب جي کيل اوڳاڙي جو ڪريڊٽ خان صاحب پاڻ کڻندو رهيو آهي. راڻا ثناءُ الله خلاف هيروئن جي ڪيس کي جنهن انداز سان پيش ڪيو ويو ان مان ڪجهه گهڙين لاءِ ائين پئي لڳو ته راڻا جو ڪم ئي هيروئن وڪڻڻ رهيو آهي. پر هاڻي اهو ساڳيو راڻا ثناءُ جنهن کي ڪورٽ سڳوري باعزت بري ڪري ڇڏيو. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڪوڙي کي سزا ڇو نه ٿي ملي؟ جڏهن سزائون نه ملنديون ته انصاف کي شڪ جي نگاهه سان ضرور ڏسبو.

ڳالهه هلي پئي ته تحريڪ انصاف پنهنجون حڪومتون ڪڏهن ٿي ختم ڪري؟ خان صاحب ۽ فواد چوڌري ڊسمبر جي سرد ڏينهن ۾ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جون حڪومتون ختم ڪرڻ جا اعلان ڪري چڪا آهن. ڏسجي ته 20 تاريخ تائين خان صاحب ڪهڙو فيصلو ڪري ٿو؟ حڪومتي اتحاد جي وري اها ڪوشش آهي ته ننڍي چوڌري کان پنجاب اسيمبلي کي بچائجي. جيئن خان صاحب جو هڪ وڏو وارخطا ٿي وڃي. هاڻي جا ڏند کائڻ جا هڪ ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا هوندا آهن. ائين سياست ۾ وري سياستدانن جا عوامي ميڙاڪن ۾ بيان هڪڙا هوندا ته ميڊيا آڏو وري سنڌن انداز بيان ئي تبديل هوندو آهي. اهڙي ريت بيڪ ڊور پنهنجي سياسي حريفن سان هلندڙ ڳالهين ۾ ڪجهه ڏيو ۽ ڪجهه وٺو جو اصول لاڳو هوندو آهي. سياستدان هميشه پنهنجا سياسي فائدو ڏسي فيصلا ڪندا آهن. هاڻي جيڪڏهن ننڍي چوڌري کي پڪ ٿي وئي ته عمران خان جي مٿي تان آشيرواد وارو هٿ کڄي ويو آهي. ويجهي مستقبل ۾ سياسي ميدان ۾ مداخلت نه ڪئي ويندي. ته مان سمجهان ٿو چوڌري پرويز ڪڏهن به پنجاب اسيمبلي نه ٽوڙيندو. چوڌري سالڪ جو نواز شريف سان ملڻ ان کان اڳ آصف زرداري جون وڏي چوڌري سان ٿيل ملاقاتن جون ڳالهيون کهاڻي ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ضرور هونديون. منهنجي خيال ۾ عمران خان کي جڏهن پڪ ٿي ته پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ٽوڙيندو تڏهن هو خيبر پختونخواه اسيمبلي ٽوڙيندو نه ته ائين ئي هلاڳلا هلندو رهندو. ان ڪري خان صاحب ٻهريان پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڏسجي ته پرويز الاهي ڪهڙو فيصلو ڪري ٿو؟ جيڪڏهن پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ تي راضي ٿئي ٿو ته محمود خان هتان خيبر پختونخواه اسيمبلي ٽوڙڻ ۾ دير نه ڪندو. سياسي طور تي خان صاحب لاءِ ٻنهي صوبن جي اليڪشن هڪ ٽيسٽ ڪيس آهي. ڇو ته موجوده حڪومت خان صاحب جي 2018ع واري ڪاميابي کي اسٽيبلشمينٽ جي کاتي ۾ وجهي ٿي ۽ پنجاب جي ننڍين چونڊن ۾ ڪاميابي وري باجوه جي ڊبل گيم جي کاتي ۾ هلي وڃي ٿي. پنجاب جي ننڍين چونڊن ۾ تحريڪ انصاف جي ڪاميابي جتي سيني جا رايا غلط ثابت ڪيا اتي اهو به ثابت ڪيو جو باجوه صاحب هر حال ۾ پنهنجي ٻاران عمران خان جي جهول ۾ وڌل پرويز الاهي کي وڏو وزير ڏسڻ چاهي پيو. گيم ڊبل گيم سياست جو حصو ٿي ويو آهي هر ڪو پنهنجي مفادن ڪاڻ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. جيئن هن وقت ملڪي حالتن لاءِ سياسي پارٽيون پريشان ته آهن پر هڪ هنڌ ويهي مسئلن جي حل لاءِ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. حڪومت ۽ مخالف ڌرجي ڳالهين قوم کي سياسي طور تي منجهائي ڇڏيو آهي. غيريقيني واري صورتحال ماڻهن جي روين کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ۽ سنڌس معاشي ماهرن جي ڳالهين مان ائين لڳي ٿو، ملڪ معاشي طور تي بلڪل ئي تباهي جي ڪناري تي پهتل آهي. عمران خان پنهنجي معاشي ٽيم سان گڏجي جيڪا پريس ڪانفرنس ڪئي، ان مان اهو ثابت پئي ٿيو جڻ خان صاحب جي دور ۾ ماڻهو فاقن جي فڪر کان بي فڪر ٿي سمهي رهندا هئا. کائڻ پيئڻ جي شين جي ڪا کوٽ نه هئي، مهانگائي جو ڪٿي به نالو نشان نه هو. گودام اَن سان ڀريا پيا هوندا هئا. پيٽرول جا اگهه ايترا ته گهٽ هئا جو عوام جي جيبن تي ڪو وزن نه پوندو هو. هاڻوڪي حڪومت جي غلط پاليسين ڪري ملڪ وڃي ڏيوالي نڪرڻ جي ڪنڌي تي پهتو آهي. معيشت جي تباهي ملڪ جي بنيادن کي لوڏي پئي ان ڪري صرف نيون چونڊون ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ ضروري بڻجي ويون آهن.

حڪومت وري سڄن مسئلن جو بار تحريڪ انصاف جي حڪومت مٿان وجهي پئي. بهرحال هن وقت جڏهن ملڪي خزانو خالي آهي، غيرملڪي قرض ادا ڪرڻ لاءِ خزاني ۾ پيسا ناهن، ملڪ ڏيوالي نڪرڻ جي در تي دستڪ ڏئي پيو ته ان صورت ۾ نيون چونڊون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون؟ ڇا چونڊن تي پيسا خرچ نه ٿيندا؟ اهي پيسا ڪير ڏيندو ۽ ڪٿان ايندا؟ منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن واقعي اسان جي ملڪي قيادت ملڪ ۽ قوم سان سچي آهي ته ته پوءِ ملڪ جي اهم ضرورت چونڊون نه پر ملڪ جي معيشت آهي. ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي بدامني ۽ عدم برداشت آهي. عوام جي ڀلائي لاءِ ملڪي قيادت کي پنهنجي انا هڪ طرف رکي هڪ هنڌ ويهڻ گهرجي. ملڪ مضبوط هوندو ته سياست ٿيندي جڏهن ملڪ ۾ ڪجهه نه هوندو اهڙي صورت ۾ سياست ڪرڻ جو رسڪ ڪير کڻندو؟

پيري فقيري صدين کان وٺي اسان جي عقيدي جو جز بڻجي وئي آهي. جڏهن ماڻهو ويچ طبيبن کان اميد لاهي ويهندا هئا تڏهن وڃي پيرن فقيرن جي درن جا سلامي ٿيندا هئا. سياست ۾ به پيري فقيري جو سٺو عمل دخل رهيو آهي. جمهوري پارٽين جا سربراهه ملڪ تي حڪمراني ڪاڻ پيرن فقيرن جي آستانن تي وڃي وقتي مجاور به بڻجي سندن مٽيون پريندا رهيا آهن پر عمران خان شايد پاڪستاني تاريخ جو واحد سياسي اڳواڻ آهي جنهن پنهنجي مرشدياڻي سان شادي ڪئي. شادي ڪرڻ هر انسان جو شرعي، قانوني ۽ اخلاقي حق آهي. هڪ عاقل بالغ انسان ڪنهن سان به شادي ڪري سگهي ٿو. عمران خان جنهن عورت سان شادي ڪئي ان جي روحاني مشورن تي عمل ڪري ملڪ کي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سچيون ڪوڙيون آڊيوز ليڪ ٿيون جن ۾ غدار جي بيانيي، هيرن جي مُنڊي ۽ واچ وڪڻڻ جو تذڪرو ٿيل آهي. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن عمران خان کي نااهل ڪري جيل ۾ وڌو ويو ته مرشد تحريڪ انصاف جي اڳواڻي ڪرڻ ۾ به دير نه ڪندي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته سياسي فيصلا سياستدان ڪن ٿا يا وري به اهي فيصلا غيبي قوتن کان ڪرايا وڃن ٿا.

ڪالهه ڪَلاچيءَ ويا، ڇِتيُون ڪٽي ڇُڳيرَ؛
پائِرَنِ پيرو نه ڪَيو، اَدَنِ ڪِي اَورَ؛
اهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنّ ورائي جهلِي.

# اسلام آباد ۾ ٿيل سيمينار جو احوال

محمد ادريس راجپوت

اسلام آباد ۾ هڪ سيمينار ٿيو، جنهن جو عنوان هو "سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ جي بحالي جو سيمينار" انهي سيمينار ۾ سنڌ ۾ هن سال برساتي ٻوڏ جي بحالي بابت ڳالهيون ٿيون. مون انهيءَ سيمينار ۾ هيٺيون ڳالهيون رکيون:

(1) نقصان جو اندازو لڳائڻ ته ڪيتري ڪيتي نقصان ٿيو.
(2) ماضي ۾ ٿيل نقصانن مان سبق سکڻ.
(3) انهن نقصانن کي منهن ڏيڻ لاءِ عمل ڪرڻ.

نقصانن جو اندازو لڳائڻ ته ڪيتري ڪيتي نقصان ٿيا:

سنڌ ۾ هن سال تمام گهڻا نقصان ٿيا. انهيءَ ۾ اهو به ضروري آهي ته گذريل سالن ۾ ٿيل نقصانن جي جاڻ هجڻ کپي. گذريل سالن ۾ سال 2010ع تائين جيڪي نقصان ٿيا، انهيءَ جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

سراسري نقصان: 8923 ملين آمريڪي ڊالر
سراسري ماڻهو مئا: 10152 ماڻهو
سراسري گهر ڊٺا: 127375 گهر
ٻڏل ايراضي ڪلوميٽرن ۾: 567132 ڪلوميٽر

هن سال جيڪي نقصان ٿيا سي تمام گهڻا هئا. اهي سراسري نقصانن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا هئا. اهي سنڌ ۾ سيني علائقن ۾ ٿيا. ڪٿي گهٽ ڪٿي وڌ.

ماضي ۾ ٿيل نقصانن مان پرايل سبق:

اهي سبق تمام اهم آهن. جڏهن گذريل ماضي ۾ مينهن پوندا هئا ته اهو پاڻي ڪاڏي ويندو هو؟ ظاهر آ اهو سمنڊ ۾ ويندو هو پر انهيءَ پاڻي ۾ ڪٿي به ڪا رنڊڪ يا روڪ نه هئي. LBOD ٺهڻ کان پوءِ انهي ۾ رنڊڪ ۽ روڪ اچي وئي. يعني اهي وهڻ وارا رستا رڪجي ويا. انهيءَ سلسلي ۾ عالمي ڪنسلٽنٽ کان اپياس ڪرايا ويا ته انهن ٻڌايو ته فلاڻي فلاڻي هنڌ رستا رڪاوٽ بڻيل آهن ۽ هنن اهو به مشورو ڏنو ته انهن رڪاوٽن کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو. هنن انهن هنڌن تي سائفن ٺاهڻ جو مشورو ڏنو. پر انهي تي عمل نه ٿيو. ٻهريون انهيءَ جو رستو پراڻ ڊورو هو. پر عمل نه ٿيڻ سبب اهي رستا هميشه به رنڊڪون بڻيل آهن. سولي ۾ سولو طريقو اهو آهي ته اهو پاڻي سائفن ذريعي جيڪي LBOD جي هيٺان هجن، ڪڍيو وڃي. پر اڃا تائين اهو ممڪن نه ٿي سگهيو آهي.

انهيءَ نقصانن کي منهن ڏيڻ لاءِ عمل ڪرڻ:

هر ڪا شي عمل ڪرڻ تي مدار رکي ٿي. جنهن ڳالهه تي عمل نه هجي ۽ اها شي ٿئي ٿي نه ته معنيٰ اها شي ٿي ٿي نه. پر جيڪڏهن عمل ٿي ويو ته معنيٰ اها شي ٿي وئي.

جڏهن ڪنهن شي تي عمل ٿي نه ٿئي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته عمل نه ٿيڻ ڪري اها شي ٿي ٿي نه. وري جي اها خبر ئي نه هجي ته نقصان ڇا ٿيو ته انهيءَ تي عمل ڪرڻ ئي بيڪار آهي.

هيو مسئلو اهو آهي ته برساتي ٻوڏن واري اسڪيم تي عمل ڪيئن ڪجي. انهيءَ لاءِ هيٺيان عمل ٿي سگهن ٿا.

1. شارٽ ٽرم
ميڊيم ٽرم
لانگ ٽرم.

ميڊيم ٽرم ۽ لانگ ٽرم اسڪيمن تي في الحال عمل ڏکيو آهي. في الحال شارٽ ٽرم اسڪيمن تي عمل ڪيو پيو وڃي. پر انهن جي رفتار گهٽ آهي.

الله ۾ آسرو آهي ته برساتي ٻوڏ وارين اسڪيمن تي جلد عمل ٿيندو. جو شاهه صاحب چئي ويو آهي:

آسرو مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهارو گهڻو
شاهه عبداللطيف ڀٽائي

---

وڪيلن جي لاءِ انٽرشپ جو پروگرام جلدي شروع ڪندي. اسان قانون جي بالادستي جي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون پ پ انصاف ڏيڻ جي لاءِ عدالتن جي معاونت ڪندي.

25 بقايا ***

ڳالهه جو اعلان ڪندي چيو ته شريف خاندان جي مختلف ڪيسن ۾ ضمانت ۽ بريت خلاف تحريڪ انصاف آرٽيڪل 184 تحت سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سپريم ڪورٽ هڪ پاڻمرادو نوٽيس ورتو آهي ان ۾ اسان ڌر بڻباسين. فواد چوڌري چيو ته اسان جو موقف آهي ته مريم نواز، شهباز شريف، حمزا شهباز جي ڪرپشن ڪيسز سپريم ڪورٽ ۾ ڪوليا ويندا، جنهن نموني سنڌن اپيلون فائل ٿيون ۽ انهن تي فيصلا ٿيا سپريم ڪورٽ ان تي نظرثاني ڪري. شريف خاندان ملڪ تي ايڏا وڏا راڻا هنيا آهن اهڙي نموني جيڪڏهن هو سڄي دولت برطانيا ڪٺي ويندا ته هتان جي ويهه ڪروڙ عوام جي حقن تي جيڪي راڻا هنيا ويا آهن انهن جو حساب ڪير ڏيندو؟ هن سپريم ڪورٽ کان مطالبو ڪيو ته جنهن نموني عمران خان جي نااهلي وارا ڪيس تيزي سان ٻڌا پيا وڃن اهڙي طرح سنڌن درخواست کي به تيزي سان ٻڌو وڃي.

26 بقايا ***

وڏيڪ چيو ته طبي سائنس ۾ نيڪسٽ جنريشن اير آر اين اي ويڪسن ٺاهي وئي آهي جين ۾ تبديليون شام جي محفلن جو موضوع بڻجي ويون آهن هن شاگردن توڙي شاگردياڻين کي تلقين ڪندي چيو ته عملي زندگي ۾ ڪجهه اهم قدرن جا پابند ٿي وڃن جنهن ۾ احترام، مهرباني، صبر، ديانت، تحمل ۽ صداقت شامل آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊائو يونيورسٽي جي ٻارهين ڪانووڪيشن کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب کي پروفيسر صبا سهيل، ڊاڪٽر زيبا حق به خطاب ڪيو جڏهن ته رجسٽرار ڊاڪٽر اشعر آفاق شاگردن کان انسانيت جي بغير متيبد خدمت جو حلف ورتو پروفيسر سعيد قريشي وڏيڪ چيو ته ڊائو يونيورسٽي 2 هزار کان وڏيڪ ڊاڪٽرن ۽ ٻئي هيلٿ جي پروفيشنلز جي بيچ کي صحت جي شعبي ۾ خدمتن لاءِ تيار ڪيو آهي ۽ ڊائو يونيورسٽي بين الاقوامي شهرت يافته ٽرانسپلانٽ سرجنز کي اعزازي ڊگري ڏيڻ واري واحد يونيورسٽي آهي جنهن ۾ مشهور سرجن پروفيسر محي الدين منصور به ڊائو جو اڳوڻو شاگرد هو هن وڏيڪ چيو ته ڊائو يونيورسٽي جو طبي تعليم جي ترقي ۾ سدائين اهم ڪردار رهيو آهي ۽ والدين جو شڪر گذار آهيان جن هن علمي اداري تي اعتماد ڪيو آهي تقريب ۾ 2082 سندون ۽ انعام طور ڊگريون ڏنيون ويون ۽ امتيازي نمبر حاصل ڪندڙ شاگردن کي سونئي، چاندي ۽ ڪانسي جا ميڊلز ڏنا ويا ڊگريون حاصل

جي منظوري ۾ سليڪٽيڊ ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪيون ويون. جونديل ميمبرن جي استعيفائن جي منظوري کي سياسي مقصد جي لاءِ استعمال ڪيو ويو شاهه محمود قريشي چيو ته اسپيڪر حڪومت جي چوڻ تي غيرقانوني ۽ آئين کان هٽي فيصلو ڪيو اسپيڪر کي پي ٽي ميمبرن جي استعيفائن جي تصديق لاءِ خط لکي ڇڏيو آهي. اسپيڪر چاهي سيني کي گڏ گهرائي يا هڪ هڪ ڪري گهرائي. پنهنجي صحيح سان اسپيڪر کي خط اماڻي ڇڏيو آهي. ان موقعي تي فواد چوڌري چيو ته حڪومت سپريم ڪورٽ ۾ غلط بياني ڪئي. چيو ويو ته پي ٽي ميمبر استعيفائون ڏئي چڪا آهن ان باوجود هو پگهارون کڻي رهيا آهن اپريل کان پوءِ پي ٽي آءِ جي ڪنهن به ميمبر کي پگهار ناهي ملي. شڪ آهي ته حڪومتي ميمبر پي ٽي آءِ جي نالي تي پگهارون ڪڍي کائي ته ويا هجن.

17 بقايا ***

وڏيڪ ڪيس داخل ته ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ سينيٽر اعظم سواتي خلاف داخل ڪيسز بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي. ان سلسلي ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ فيض شاهه عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ عدالت کي آگاهه ڪيو ته اعظم سواتي خلاف پرائيوٽ ماڻهن ڪيس داخل ڪرايا هئا. قانون ٻڌائڻ ٿو انهن ماڻهن جو

ويا اهن جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڪا ڪوٽ ناهي، اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي سولائي سان دستياب نه هجڻ جو سبب اهو آهي ته سرڪاري ريٽ 234 رپيا آهي جڏهن ته گري مارڪيٽ ريٽ 255 رپين کان وڏي ويو آهي.

10 بقايا ***

پرويز الاهي صدر کي پنجاب ۾ جاري ترقياتي رٿائن بابت آگاهه ڪيو ٻنهي وچ ۾ ملڪي معيشت کي وڏيڪ بهتر بڻائڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي، ان موقعي تي صدر عارف علوي چيو ته اسان کي پاڪستاني ٿي ڪري رڳو پاڪستان جو ئي سوچڻ گهرجي. سياست ۾ ڪا شيءِ آخري آخر ناهي هوندي. ملڪ جي ڏگهن مفادن کي ڏيان ۾ رکندي فيصلا ڪرڻ جي ضرورت آهي. صدر وڏيڪ چيو ته معاملن تي ڪي خير خوبيءَ سان حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. الله ۾ اميد آهي ته پاڪستان لاءِ بهتر رستو نڪري ايندو.

11 بقايا ***

